SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (ستين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SEVENTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعه 156 جي ترميم
Amendment of Section 156 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (ستين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SEVENTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[31 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ستين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 156 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "ست ڏينهن اندر" ۽ ذيلي دفعہ (5) ۾ لفظن "ٽيهن ڏينهن اندر" جي جاءِ تي لفظن ۽ ڪامائن "جيترو جلد عمل ٿي سگهي، هڪ سئو ويهہ ڏينهن اندر" متبادل ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعہ 156 جي ترميم

Amendment of Section 156 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.